SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 2016
# SINDH ACT NO.XX OF 2016
# سنڌ بانڊيڊ ليبر سسٽم (خاتمو) ايڪٽ، 2015
# THE SINDH BONDED LABOUR SYSTEM (ABOLITION) ACT, 2015
## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌ ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ٻين قانونن وغيره کي اوور رائيڊ ڪرڻ جو ايڪٽ
Act to override other laws,etc

4. بانڊيڊ ليبر سسٽم جو خاتمو
Abolition of bonded labour system

5. معاهدو، ڪسٽم، وغيره منع هوندا
Agreement, custom,etc, tobe void

6. رهجي ويل بانڊيڊ قرض ٻيهر ادا ڪرڻ جي ذميداري
Liability to repay bonded debt to stand extinguished

7. بانڊيڊ ليبر جي ملڪيت ضبطگي وغيره کان آزاد ڪئي ويندي
Property of bonded labour to be freed from mortgage, etc.

8. رهجي ويل قرض جي مد ۾ قرض ڏيندڙ ادائگي قبول نہ ڪندو

Creditor not to accept payment against extinguished debt

.9 اختياريون جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن جي عملدرآمد لاءِ بيان ڪيون وينديون

Authorities who may be specified for implementing the provisions of this Act

.10 ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪيس ڏنل ٻيا عملدار

Deputy Commissioners and other officers designated to him

.11 جبري بانديڊ ليبر لاءِ سزا

Punishment for enforcement of bonded labour

.12 بانديڊ ليبر سسٽم هيٺ بانديڊ ليبر ڪرائڻ تي سزا

Punishment for extracting bonded labour under the bonded labour system

.13 بانديڊ ليبرر کي ملڪيت جو قبضو واپس ڏيارڻ ۾ ناڪامي يا ختم ڪرڻ تي سزا

Punishment for omission or failure to restore possession of property to bonded labourer

.14 ڏوهه ڪندڙ جي سهائتا ڏوهه هوندي

Abetment to be an offence

.15 نگران ڪميٽيون

Vigilance Committees

.16 ڏوهن تي مئجسٽريٽ ٻڌڻي ڪندو

Offences to be tried by the Magistrate

.17 ڏوهن جو ازالو

Cognizance of Offences

.18 ڪمپنين طرفان ڏوهه

Offences by companies

19. متڀيد کان بچاءُ

Protection against discrimination

20. ضمانت

Indemnity

21. دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

22. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريہ 2016
# SINDH ACT NO.XX OF 2016
# سنڌ بانڊيڊ ليبر سسٽم (خاتمو) ايڪٽ، 2015
# THE SINDH BONDED LABOUR SYSTEM (ABOLITION) ACT, 2015

[28 جون 2016]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ بانڊيڊ ليبر سسٽم جو خاتمو ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آرٽيڪل 11 جي شق (2) هر قسم جي جبري پورهئي کان منع ڪري ٿي.

۽ جيئن تہ صوبي سنڌ ۾ پورهيت طبقي جي معاشي ۽ جسماني پيڙا کان تحفظ لاءِ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ بانڊيڊ ليبر سسٽم جو خاتمو ضروري ٿي پيو آهي؛

مختصر عنوان، واڌ ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ بانڊيڊ ليبر سسٽم (خاتمو) ايڪٽ، 2015 سڏيو ويندو.

(2)ان جي سجي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.

(3)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.(1)هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a)"ايڊوانس (پيشگي)" مطلب ايڊوانس (پيشگي) پوءِ اها روڪ رقم يا روڪ جو ڪجھ حصو يا ڪجھ حصو جيڪو هڪ شخص طرفان (ان کانپوءِ جنهن کي ڪريڊيٽر سڏيو ويندو) ڪنهن ٻئي شخص کي (جنهن کي هن کانپوءِ قرض

وٺندڙ سڏيو ويندو) ڏني ويندي؛
(b) "بانڊيڊ قرض" مطلب بانڊيڊ ليبر سسٽم تحت بانڊيڊ ليبرر طرفان حاصل ڪيل ايڊوانس (پيشگي) يا جيڪو ايڊوانس (پيشگي) وٺڻ جو سوچيو ويندو؛
(c) "بانڊيڊ ليبر" مطلب بانڊيڊ ليبر سسٽم تحت ڪو پورهيو يا خدمت؛
(d) "بانڊيڊ ليبرر" مطلب پورهيت جنهن بانڊيڊ قرض حاصل ڪري ٿو، ڪيو آهي يا ڪرڻ جو سوچيو آهي؛
(e) "بانڊيڊ ليبر سسٽم" مطلب جبري جو نظام، يا عارضي طور جبري پورهيو، جنهن تحت قرض وٺندڙ داخل ٿئي ٿو يا داخل ٿيڻ جو ارادو رکي ٿو، قرض ڏيندڙ سان معاهدي ذريعي، جنهن موجب:
(i) ايڊوانس (پيشگي) جي سلسلي ۾ جيڪو سندس طرفان حاصل ڪيو ويو آهي يا سندس ڪنهن ڪٽنب جي ڀاتي طرفان (ڀوءِ ان ايڊوانس (پيشگي) جي ڪاغذي شاهدي هجي يا نه) ۽ ڪو وياج، جيڪڏهن ڪو هجي، اهڙي ايڊوانس (پيشگي) تي؛ يا
(ii) ڪنهن به روايتي يا سماجي ذميداري مطابق؛ يا
(iii) ڪنهن به مالي مراعت لاءِ جيڪا سندس طرفان يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن به فرد طرفان حاصل ڪئي وئي هجي، اهو؛
(1) سندس طرفان يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن فرد، يا مٿس ڀاڙيندڙ ڪنهن شخص طرفان قرض ڏيندڙ کي پورهيو يا خدمت فراهم ڪئي وڃي ٿي، قرض ڏيندڙ جي فائدي لاءِ، مخصوص عرصي لاءِ يا اڻڄاڻايل عرصي لاءِ بنا ڏهاڙي جي يا

انتهائي گهٽ ڏهاڙي لاءِ؛ يا

(2)ملازمت جي آزادي ضبط ڪئي ويندي يا مخصوص عرصي يا اڻچاڻايل عرصي لاءِ گذر سفر جا ٻيا طريقا اختيار ڪيا ويندا؛

(3)هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ آزادي سان چرپر ڪرڻ جو حق ضبط ڪيو ويندو؛

(4)مارڪيٽ اگهه تي پنهنجي يا پنهنجي ڪنهن پورهيت يا سندس ملڪيت جي ڪنهن ميمبر يا مٿس ڀاڙيندڙ ڪنهن شخص جي ملڪيت قبضو ڪرڻ يا وڪرو ڪرڻ جو حق ضبط ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ شامل آهي جبري پورهئي جو نظام، يا عارضي جبري، پورهيو جنهن تحت قرض وٺندڙ لاءِ ضمانت داخل هجي، يا داخل ڪئي آهي يا داخلا جو ارادو ڪيو آهي، قرض ڏيندڙ سان ڪنهن معاهدي ۾ ته جنهن تي ناڪامي تي قرض وٺندڙ کي قرض ٻيهر ادا ڪرڻو آهي، اهو قرض وٺندڙ جي بدران بانديڪ ليبر ڪندو.

(f) "ڪٽنب" مطلب:

(i)مرد بانديڪ پورهيت جي صورت ۾ زال يا زالون، ۽ عورت بانديڪ پورهيت جي صورت ۾ بانديڪ پورهيت جو مڙس؛ ۽

(ii)والدين، ٻار، نابالغ ڀائر ۽ غير شادي شده، طلاقيل يا بيوه ڀينرون بانديڪ پورهيت جون جيڪي مڪمل طور مٿس ڀاڙيندڙ هجن.

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(h) "انتهائي گهٽ ڏهاڙيون" ڪنهن پورهئي جي سلسلي ۾، مطلب هڪ ڏهاڙي جيڪا گهٽ آهي:

(i)گهٽ ۾ گهٽ اجورو جيڪو حڪومت طرفان ساڳئي يا

ساڳئي قسم جي پورهئي لاءِ طئي ڪيو هجي، وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت؛ ۽

(ii)جتي اهڙو ڪو گهٽ ۾ گهٽ اجورو ڪنهن قسم جي پورهئي لاءِ طئي نہ ڪيو ويو هجي، عام طور تي ساڳئي يا ساڳئي قسم جي پورهئي لاءِ ادا ڪيو ويندڙ اجورو، ساڳئي مقامي علائقي ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن کي ادا ڪيو ويندو هجي؛ ۽

(i) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(j) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

ٻين قانونن وغيره کي اوور رائيڊ ڪرڻ جو ايڪٽ
Act to override other laws,etc

3.هن ايڪٽ جون گنجائشون موثر هونديون جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي، يا اهڙي ڪنهن قانون جي مقصد لاءِ ڪا شئي لاڳو هجي.

بانڊيڊ ليبر سسٽم جو خاتمو
Abolition of bonded labour system

4.(1)هن ايڪٽ جي شروع ٿيڻ تي، بانڊيڊ ليبر سسٽم ختم ٿي ويندو ۽ هر بانڊيڊ پورهيت آزاد ٿي ويندو ۽ ڪنهن بانڊيڊ ليبر تحت ڏني ويندڙ ذميداري کان بہ آجو ٿي ويندو.

(2)ڪنهن بہ شخص کي بانڊيڊ ليبر سسٽم تحت ڪو ايڊوانس نہ ڏنو ويندو يا ڪنهن بانڊيڊ ليبر يا ڪنهن ٻئي جبري پورهئي لاءِ مجبور نہ ڪيو ويندو.

معاهدو، ڪسٽم، وغيره منع هوندا
Agreement, custom,etc, tobe void

5. رواج يا روايت يا مشق يا ڪو ٺيڪو معاهدو يا ٻيو دستاويز، پوءِ ان ۾ داخل ٿيو هجي يا هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳواٽ ڪيو ويو هجي يا بعد ۾ ڪيو ويو هجي، جنهن تحت ڪو شخص، سندس ڪٽنب جو ڪو رڪن، بانڊيڊ ليبر طور ڪو ڪم يا ڪا خدمت ڪرڻ لاءِ طلب ڪيو ويو،

اهو غير موثر ۽ ڪالعدم هوندو.

6.(1) هن ايڪٽ جي شروع ٿيڻ تي بانديد پورهيت تي بانديد قرض جي ادائگي يا ٻيهر ادائگي يا بانديد قرض جو ڪو حصو جيڪو اهڙي شروعات کان فوري اڳ اڻ نبيريل هجي، اهو ختم ٿي ويندو.

(2)هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ، ڪو بہ مقدمو يا ٻي ڪا ڪارروائي ڪنهن سول ڪورٽ، ٽريبونل يا ٻي ڪنهن اختياري جي سامهون بانديد قرض يا اهڙي ڪنهن حصي جي واپسي لاءِ نہ ٿيندي.

(3)بانديد قرض جي بازيابيءَ لاءِ هر ڊڪري يا حڪم نامو جيڪو هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ جاري ڪيو ويو هجي ۽ اهڙي شروعات کان اڳ مڪمل طور نہ نبيريو ويو هجي، اهڙي شروعات تي مڪمل طور تي نبيريو ويندو.

(4)جتي، هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ، بانديد پورهيت يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن ميمبر جي قبضي ۾ ڪا ملڪيت قرض ڏيندڙ طرفان ڪنهن بانديد قرض جي بازيابيءَ لاءِ زبردستي ورتي وئي هجي، اهڙي ملڪيت واپس ڪرائي ويندي، اهڙي شروعات کان نوي ڏينهن اندر، اهڙي ماڻهو جي قبضي ۾ جنهن کان اها ضبط ڪئي وئي هئي يا ورتي وئي هجي.

(5)هن ايڪٽ جي شروع ٿيڻ کان اڳ ڪنهن بانديد قرض جي بازيابيءَ لاءِ لڳايل هر اٽيچمينٽ، اهڙي شروعات تي خالي ڪئي ويندي ۽ جتي، اهڙي اٽيچمينٽ جي سلسلي ۾، بانديد پورهيت جي ڪا متحرڪ ملڪيت ضبط ڪئي وئي هئي ۽ ان جي تحويل مان کسي وئي هئي ۽ ڪنهن عدالت،

رهجي ويل بانديد قرض ٻيهر ادا ڪرڻ جي ذميداري
Liability to repay bonded debt to stand extinguished

ٽربيونل يا ٻي اختياري جي تحويل ۾ رکي وئي هئي، وکري لاءِ التويٰ هيٺ هئي، اهڙي متحرڪ ملڪيت اهڙي شروعات جي نوي ڏينهن اندر بانديڊ پورهيتن جي قبضي ۾ واپس ڪئي ويندي:

بشرطيڪ جتي ڪا اتيچ ٿيل ملڪيت هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ وکرو ڪئي وئي هئي، بانڊيڊ قرض جي واپسي لاءِ ڪنهن ڊڪري يا حڪم تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ ته، اها هن ايڪٽ جي ڪنهن گنجائش سبب متاثر نه ٿيندي.

(6)ذيلي دفعه (5) جي شرطيه بيان موجب، بانڊيڊ پورهيت طرفان هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ بانڊيڊ قرض جي بازيابي لاءِ ڪنهن ملڪيت جو وڪرو، منتقلي يا اسائنمينٽ ڪنهن به سلسلي ۾ جيڪا ڪئي وئي هجي يا جو حق منتقل ڪيو هجي، يا اهڙي ملڪيت تي ڪو وياج يا امانت هجي، اهڙي ملڪيت اهڙي شروعات جي نوي ڏينهن اندر بانڊيڊ پورهيت جي قبضي ۾ واپس ڪئي ويندي.

(7)جيڪڏهن ذيلي دفعه (4) يا ذيلي دفعه (5) يا ذيلي دفعه (6) تحت ڪنهن ملڪيت جو قبضو هن ايڪٽ جي شروعات کان نوي ڏينهن اندر واپس نه ڪرايو ويو ته متاثر شخص اهڙي وقت دوران جيئن بيان ڪيو ويو هجي، بيان ڪيل اٿارٽي کي ملڪيت جي واپسي لاءِ اپلاءِ ڪري سگهي ٿو ۽ بيان ڪيل اٿارٽي، قرض ڏيندڙ کي ٻڌڻ جو موزون موقعو ڏيڻ بعد قرض ڏيندڙ کي درخواست گذار کي چاٽايل ملڪيت جو قبضو اهڙي عرصي اندر واپس ڏيڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي جيئن حڪم ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(8)ذيلي دفعہ (7) تحت بيان ڪيل اٿارٽي طرفان جاري ڪيل حڪم سول ڪورٽ يا قرض ڏيندڙ جي عارضي رهائش يا جتي ڪاروبار يا ذاتي ڪم ڪندو هجي، ان جي مقامي حدن گهٽ ۾ گهٽ دائره اختيار رکندڙ عدالت جي حڪم برابر سمجهيو ويندو.

(9)جتي ڪو مقدمو يا ڪارروائي بانڊيڊ ليبر سسٽم تحت ذميداري جي لاڳو ٿيڻ کان، بشمول بانڊيڊ پورهيت کي ڏنل ڪنهن ايڊوانس (پيشگي) جي بازيابي لاءِ ڪنهن مقدمي يا ڪارروائي جي، هن ايڪٽ جي شروع ٿيڻ وقت التويٰ هيٺ آهي تہ، اهڙو مقدمو يا ڪارروائي اهڙي شروعات تي ختم ٿي ويندي.

(10)هن ايڪٽ جي شروعات تي، هر بانڊيڊ پورهيت جيڪو ڪنهن ججمينٽ کان اڳ يا پوءِ ڪنهن سول جيل ۾ قيد هيو، اهو اهڙي قيد مان آزاد ڪيو ويندو.

**بانڊيڊ ليبر جي ملڪيت ضبطگي وغيره کان آزاد ڪئي ويندي**

**Property of bonded labour to be freed from mortgage, etc.**

7.(1)بانڊيڊ پورهيت جي هٿ هيٺ ايندڙ سموريون ملڪيتون جيڪي هن ايڪٽ جي شروعات کان فوري اڳ ڪنهن ضبطگي چارج، قانوني حق يا بانڊيڊ قرض جي سلسلي ۾ بئي ڪنهن تڪرار هيٺ هيون، اهي آزاد ٿي ويندين ۽ اهڙي ضبطگي، چارج، لين يا بئي ڪنهن تڪرار کان آجيون ٿي ويندين، ۽ جتي اهڙيون ڪي ملڪيتون هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ، ضبط ڪندڙ يا چارج، لين يا تڪرار رکندڙ جي قبضي ۾ هيون، اهڙي ملڪيت سواءِ ان جي جتي اهي ڪنهن بئي جي چارج، قانوني حق ۾ هيون، اهڙي شروعات تي بانڊيڊ پورهيت کي واپس ڪيون ويندين.

(2)جيڪڏهن ذيلي دفعہ (1) تحت ڪنهن ملڪيت جي

بانديڊ پورهيت کي قبضو واپس ڏيڻ ۾ دير ڪئي وڃي ٿي، اهڙي پورهيت کي اهڙي شروعاتي واري تاريخ تي ۽ ان کانپوءِ ضبط ڪندڙ يا لين، چارج ۽ تڪرار رکندڙ کان واپس وٺڻ جو حق هوندو، اهڙا فائدا حاصل ڪري سگهندو جيئن گهٽ ۾ گهٽ دائره اختيار رکندڙ سول ڪورٽ طرفان طئي ڪيو ويو هجي، جنهن جي دائره اختيار ۾ اهڙي ملڪيت واقع هجي.

رهجي ويل قرض جي مد ۾ قرض ڏيندڙ ادائگي قبول نہ ڪندو Creditor not to accept payment against extinguished debt

8.(1)ڪو بہ قرض ڏيندڙ ڪنهن باندياڻ قرض تي ڪا ادائگي قبول نہ ڪندو، جيڪو ختم ڪيو ويو هجي يا ختم سمجهيو ويو هجي يا هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت مڪمل طور نبيريو ويو هجي.

(2)جيڪو بہ ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي پيچڪڙي ڪندو، اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو، جيڪا ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنجويهہ هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو يا ٻئي گڏ.

(3)ڪورٽ ذيلي دفعہ (2) تحت الزام هيٺ آيل ڪنهن شخص کي، اضافي طور ان ذيلي دفعہ تحت ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي، اهڙي شخص کي ان مدي تائين ڏنڊ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي، ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي پيچڪڙي تي اهڙي عرصي دوران وصول ڪري سگهي ٿي جيئن حڪم ۾ ڄاڻايو ويو هجي، جيڪو باندياڻ پورهيت کي واپس ڪيو ويندو.

اختيارين جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن جي عملدرآمد لاءِ بيان

9.حڪومت اهڙا اختيار ڊپٽي ڪمشنر کي سونپي سگهي ٿي ۽ اهڙيون ذميداريون مڙهي سگهي ٿي جيڪي اها هن ايڪٽ جي گنجائشن تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ لاءِ ضروري سمجهي ۽ ڊپٽي ڪمشنر پنهنجي ماتحت ڪو عملدار مقرر ڪري

سگهي ٿو سمورا يا ڪي اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ ۽ سموريون يا ڪجهه ذميداريون نڀائڻ لاءِ، جيڪي ڪيس سونپيون ويون آهن يا مٿس مڙهيون ويون آهن ۽ مقامي حدون بيان ڪري سگهي ٿو جن ۾ اهڙو عملدار پنهنجا اختيار استعمال ڪندو ۽ ذميداريون سرانجام ڏيندو.

ڪيون وينديون
Authorities who may be specified for implementing the provisions of this Act

ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪيس ڏنل ٻيا عملدار
Deputy Commissioners and other officers designated to him

10.(1)حڪومت طرفان دفعہ 9 تحت بااختيار بڻايل ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر طرفان ان دفعہ تحت مقرر ڪيل عملدار، ايترو بااختيار هوندو، آزاد ٿيل بانڊيڊ پورهيت جي ڀلائي کي هٿي وٺرائيندو، اهڙي بانڊيڊ پورهيت کي معاشي تحفظ ۽ فائدو پهچائيندو اهڙيءَ ريت تہ جيئن ان کي ٻيهر وڏيڪ بانڊيڊ قرض حاصل ڪرڻ جي ضرورت نہ پوي يا ڪو سبب نہ هجي.

(2)اها هر ڊپٽي ڪمشنر ۽ سندس طرفان ذيلي دفعہ 9 تحت سندس ماتحت مقرر ڪيل عملدار جي ذميواري هوندي تہ اها جاچ ڪري تہ هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ ڪو بانڊيڊ ليبر سسٽم يا ڪو ٻيو جبري پورهئي جو قسم ڪنهن شخص طرفان، يا سندس دائره اختيار ۾ ايندڙ مقامي حدن ۾ ڪنهن رهواسي طرفان ڪرايو پيو وڃي ۽ جيڪڏهن اهڙي جاچ جي نتيجي ۾، ڪو شخص بانڊيڊ ليبر سسٽم لاڳو ڪندي ملي يا ڪنهن بہ قسم جو جبري پورهيو ملي، اهو فوري طور اهڙو قدم کڻندو  جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت ضروري هجي.

جبري بانڊيڊ ليبر لاءِ

11.جيڪو هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ ڪنهن شخص

**سزا**
**Punishment for enforcement of bonded labour**

ڪي بانڊيڊ ليبر لاءِ مجبور ڪري ٿو اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو جيڪا ٻن سالن جي عرصي کان گهٽ نہ هوندي ۽ پنجن سالن کان وڌيڪ نہ هوندي يا ڏنڊ جيڪو هڪ لک رپين کان گهٽ نہ هوندو يا ٻئي گڏ.

**بانڊيڊ ليبر سسٽم هيٺ بانڊيڊ ليبر ڪرائڻ تي سزا**
**Punishment for extracting bonded labour under the bonded labour system**

12. جيڪو بہ هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ زبردستي بانڊيڊ ليبر سسٽم تحت ڪنهن شخص کان يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن ميمبر کان ڪسٽم، روايت، مشق، نيڪي، معاهدي يا دستاويز تحت ڪا خدمت وٺي ٿو اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو جنهن جو مدو ٻن سالن کان گهٽ نہ هوندو ۽ پنجن سالن کان وڌيڪ نہ هوندو يا ڏنڊ جيڪو هڪ لک رپين کان گهٽ نہ هوندو يا ٻئي گڏ: ۽ ڏنڊ منجهان، جيڪڏهن بازياب ڪرايو وڃي، بانڊيڊ پورهيت کي هر ڏينهن جي حساب سان گهٽ ۾ گهٽ بہ سئو سٺ رپيا ڏنا ويندا، جيترا ڏينهن ڪانئس بانڊيڊ پورهيو ورتو ويو هجي.

**بانڊيڊ ليبرر کي ملڪيت جو قبضو واپس ڏيارڻ ۾ ناڪامي يا ختم ڪرڻ تي سزا**
**Punishment for omission or failure to restore possession of property to bonded labourer**

13. جنهن کي بہ هن ايڪٽ تحت ڪا ملڪيت بانڊيڊ پورهيت جي قبضي ۾ واپس ڪرڻ لاءِ چيو وڃي، اهو انڪار ڪري يا ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي، هن ايڪٽ جي شروعات جي نوي ڏينهن اندر تہ اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو جيڪا هڪ سال جي مدي تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو ڏهہ هزار تائين وڌي سگهي ٿو ۽ پنج هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو يا ٻئي گڏ، ۽ ڏنڊ منجهان، جيڪڏهن بازياب ڪرايو وڃي، بانڊيڊ پورهيت کي ادائگي هڪ سئو رپيا هر ڏينهن عيوض ڏنا ويندا، جنهن دوران ملڪيت جو قبضو ڪيس واپس نہ ڪيو ويو هيو.

ابيٽمينٽ ڏوهہ هوندي
Abetment to be an offence

14.جيڪو بہ هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڪو ڏوهہ ڪري ٿو، پوءِ اهو ڏوهہ پئسا وٺي ڪيو ويو هجي يا نہ، ان کي ساڳي سزا ڏني ويندي جيڪا ڏوهہ ڪرڻ لاءِ بيان ڪيل آهي.

وضاحت: هن سيڪشن جي مقصد لاءِ "ابيٽمينٽ" کي ساڳي معنيٰ آهي، جيڪا ان کي پاڪستان پينل ڪوڊ (1860 جي ايڪٽ XLV) ۾ ڏنل آهي.

وجيلنس ڪميٽيون
Vigilance Committees

15.(1)وجيلنس ڪميٽيون ضلعي سطح تي بيان ڪيل طريقي موجب جوڙيون وينديون، جيڪي علائقي جي چونڊيل نمائندن، ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن جي نمائندن، بار ايسوسيئيشنز، پريس، ڄاتل سڃاتل سوشل سروسز ۽ سنڌ حڪومت جي ليبر ڊپارٽمينٽ جي نمائندن تي مشتمل هونديون.

(2)وجيلنس ڪميٽين جا هيٺيان ڪم هوندا، جهڙوڪ:

(a)ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن کي قانون تي اثرائتي عملدرآمد جي سلسلي ۾ مشورو ڏيڻ ۽ اهو يقيني بڻائڻ تي آزاد ڪرايل بانڊيڊ پورهيتن جي بحالي جي سلسلي ۾ درست نموني عملدرآمد ٿي رهيو آهي؛

(b)قانون تحت ڪم ڪرڻ تي نظر رکڻ؛ ۽

(c)قانون تحت مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بانڊيڊ پورهيتن کي اهڙي مدد فراهم ڪرڻ جيڪا ضروري هجي.

ڏوهن تي مئجسٽريٽ پاران ٻڌڻي ڪندو
Offences to be tried by the Magistrate

16.حڪومت طرفان ان سلسلي ۾ باختيار بڻايل فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڏوهہ جي ٻڌڻي ڪري سگهي ٿو.

**ڏوهن جو ازالو**
**Cognizance of Offences**

17.هن ايڪٽ تحت هر ڏوهہ ازالي جوڳو ۽ ضمانت جوڳو هوندو.

**ڪمپنين طرفان ڏوهہ**
**Offences by companies**

18.(1)جتي هن ايڪٽ تحت ڪو ڏوهہ ڪنهن ڪمپني طرفان ڪيو ويو آهي، هر اهو شخص جيڪو ڏوهہ ٿيڻ وقت انچارج هيو ۽ ڪمپني جي ڪاروهنوار جو ذميدار هيو، توڙي ڪمپني بہ ڏوهہ جي ذميوار سمجهي ويندي ۽ ان خلاف ڪارروائي ٿيڻ جي لائق هوندي ۽ ان ريت سزا بہ ڏني ويندي.

(2)جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (1) ۾ شامل نہ هجي، جتي هن ايڪٽ تحت ڪمپني طرفان ڪو ڏوهہ ڪيو ويو آهي ۽ اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ ڏوهہ جي سلسلي ۾ اهو ڪنهن ڊائريڪٽر، مئنيجر يا ٻئي ڪنهن ڪمپني جي عملدار سان جڙيل آهي، اهڙو ڊائريڪٽر، مئنيجر يا ٻيو عملدار ڏوهہ جو جوابدار سمجهيو ويندو ۽ اهو ان خلاف ڪارروائي ڪرڻ يا ان سلسلي ۾ سزا جي لائق هوندو.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصدن لاءِ:

(a)"ڪمپني" مطلب هڪ باڊي ڪارپوريٽ، ۽ جنهن ۾ شامل آهي هڪ فرم يا ٻي ڪا فردن جي ايسوسيئيشن؛ ۽

(b)"ڊائريڪٽر" فرم جي سلسلي ۾، مطلب فرم ۾ هڪ ڀائيوار.

**متڀيد کان بچاءُ**
**Protection against discrimination**

19.جنس، مذهب، طبقي، رنگ، ذات، نسل، ملازمت ۾ نسلي پسمنظر، پروفيشنل ڊولپمينٽ ۽ ڪم ۾ هڪ جيتري ڏهاڙي جي بنيادن تي ڪا متڀيد نہ هوندي.

**ضمانت**

20.هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪجهہ ڪيل يا ڪجهہ

| | |
|---|---|
| ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت يا حڪومت جي ڪن عملدار خلاف ڪو مقدمو، ڪيس يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي. | Indemnity |
| 21.جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، ڪنهن بہ عدالت کي ڪنهن معاملي ۾ دائره اختيار نہ هوندو جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت هجي ۽ ڪنهن بہ عدالت طرفان هن ايڪٽ تحت ڪجهہ ڪيل يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي جي سلسلي ۾ ڪو فيصلو جاري نہ ڪيو ويندو. | دائره اختيار تي پابندي Bar of Jurisdiction |
| 22.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**